هفتيوار رسالو: 298
WEEKLY BOOKLET:298

اميراهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪتاب ”فيضان نماز“ جي هڪ قسط مع ترميم ۽ اضافو

# پنج وقت نماز جون فضيلتون

سنڌي

فجر ۽ عصر جي فضيلت جي حڪمت

نماز عصر ڇڏڻ واري جو عمل ضايع

قبر ۾ لهندڙ سج جو منظر

نماز عشاء کان پهريان سمهڻ جو نقصان




شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

مُحمّد اِلياس عطّار قادِري رَضَوي

دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفكر بيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **پنج وقت نماز جون فضيلتون**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

## مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي، حضرت علامہ

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

جي ڪتاب ”فيضانِ نماز“ مان ڪنيل مضمون

# پنج وقت نماز جون فضيلتون

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوتِ اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# پنج وقت نماز جون فضيلتون[1]

**دعاءِ عطار:** ياربّ المصطفٰي! جيڪو بہ مڪمل رسالو"پنج وقت نماز جون فضيلتون" پڙهي يا ٻڌي وني، ان کي مسجد جي پهرين صف ۾ پنجئي نمازون باجماعت ادا ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ ان جي بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي سيني ڪان ويجهو اهو هوندو جنهن دنيا ۾ مون تي وڌيڪ درود پڙهيا هوندا.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب          صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## فجر ۽ عصر پڙهڻ وارو جهنم ۾ نہ ويندو

حضرت عُمارہ بن رُوَيْبَہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ مون مصطفي جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو: "جنهن سج جي نڪرڻ ۽

---

1 هي مضمون اميراهل سنت جي ڪتاب "فيضان نماز" مان ڪنيو ويو آهي

2 ترمذي شريف جلد1 ص27, حديث:484

لهڻ کان پهريان نماز ادا ڪئي يعني جنهن فجر ۽ عصر جي نماز پڙهي اهو هرگز جهنم ۾ داخل نہ ٿيندو.[1]

## فجر ۽ عصر جي فضيلت جي حڪمت

حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن حديث پاڪ جي حوالي سان لکن ٿا: هن جا ٻہ مطلب ٿي سگهن ٿا: هڪ اهو تہ فجر ۽ عصر جي پابندي ڪرڻ وارو دوزخ ۾ هميشہ جي لاءِ نہ ويندو، جيڪڏهن ويو بہ تہ وقتي طور ويندو. لهٰذا هي حديث ان حديث جي خلاف ناهي تہ ڪجهہ ماڻهو قيامت جي ڏينهن نمازون کڻي ايندا پر انهن جون نمازون اهلِ حُقُوق (يعني جن جا حق پامال ڪيا هوندا انهن) کي ڏياريون وينديون. ٻيو اهو تہ فجر ۽ عصر جي پابندي ڪرڻ وارن کي اِنۡ شَآءَالله باقي نمازن جي بہ توفيق ملندي ۽ سيني گناهن کان بچڻ جي بہ، ڇوجو هي ٻئي نمازون (نفس تي) وڏيڪ ڀاري آهن. جڏهن انهن جي پابندي ڪري ورتي تہ اِنۡ شَآءَالله باقي نمازن تي بہ پابندي ڪندو. لهٰذا ان حديث تي اهو اعتراض ناهي تہ نجات جي لاءِ صرف هي ٻہ نمازون ئي ڪافي آهن باقي ٻين جي ضرورت ناهي. خيال رهي تہ انهن ٻن نمازن ۾ ڏينهن رات جا ملائڪ گڏ ٿيندا آهن، پڻ هي ڏينهن جي ڪنارن جون نمازون آهن، ۽ هي ٻئي نفس تي ڏکيون آهن جو صبح سمهڻ جو وقت آهي ۽ عصر جو ڪاروبار

[1] ملسم شريف ص 250، حديث: 1236

جي رونق لڳي پئي هوندي آهي، تنهنڪري انهن ٻنهي نمازن جو درجو وڏيڪ آهي.[1]

## آمنہ جي چنڊ، آسمان جو چنڊ ڏسي فرمايو

حضرت جرير بن عبدالله رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ بيان ڪن ٿا: اسان حضور صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ حاضر هئاسين، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چوڏهين جي چنڊ ڏانهن نهاري ارشاد فرمايائون: ”عنقريب (يعني قيامت جي ڏينهن) توهان پنهنجي رب کي اهڙي طرح ڏسندؤ جهڙي طرح هن چنڊ کي ڏسي رهيا آهيو، پوءِ جيڪڏهن توهان ماڻهن کان ٿي سگهي تہ نمازِ فجر ۽ عصر ڪڏهن بہ نہ ڇڏيو.“ پوءِ حضرت جرير بن عبدالله رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ هي آيتِ مبارڪ پڙهي:[2]

وَسَبِّحۡ بِحَمۡدِ رَبِّكَ قَبۡلَ طُلُوۡعِ الشَّمۡسِ وَ قَبۡلَ غُرُوۡبِهَا ۚ

(سيپارو16، طٰہٰ:130)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ پنهنجي رب کي ساراهيندي سندس پاڪائي بيان ڪر سج اڀرڻ کان اڳي ۽ ان جي لهڻ کان اڳي

## عشقِ رسول سان سرشار شرح

مفسرِ قرآن حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه حديثِ پاڪ جي هن حصي (پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چوڏهين رات جي چنڊ جي طرف ڏٺو) جي حوالي سان فرمائن ٿا: خداءِ رحمٰن جي چنڊ آسمان جي چنڊ کي ڏٺو، غروب ٿيڻ واري گهٽ رونق چنڊ کي

[1] مرأۃالمناجيح جلد1 ص394

[2] (مسلم شريف ص239، حديث:1434ملخّصاً)

اُن چنڊ ڏنو جيڪو نہ لهي ۽ نہ ئي جنهن جي روشني ۾ ڪمي اچي. ظاهري چمڪائڻ واري چنڊ کي ان چنڊ ڏنو جيڪو دل ۽ جان، روح ۽ ايمان کي چمڪائي ٿو، رات جو چمڪڻ واري چنڊ کي ان چنڊ ڏنو جيڪو هميشہ کان هر وقت ڏينهن رات چمڪي ٿو ۽ چمڪندو. مان چا چوان! مونکي الفاظ بہ نٿا ملن! اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى بَدْرِ النُّبُوَّةِ وَ شَمْسِ الرِّسَالَةِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم (ترجمو: اي الله! درود ۽ سلام موڪل ۽ برڪت نازل فرماءِ نبوت جي چنڊ ۽ رسالت جي سِج تي) هيئن چئو تہ هن چنڊ کي جنهن کي سج چمڪائيندو آهي اُن چنڊ ڏنو جيڪو سج کي چمڪائيندو آهي، جيڪو دلين تي ڏينهن روشن ڪري ڇڏيندو آهي. (آسمان جو)چنڊ بہ خوشنصيب آهي جنهن کي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏٺو، هي چنڊ (جنهن کي اڄ بہ اسان ڏسندا آهيون) اهو آهي جنهن تي رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون نگاهون پيون آهن. هي حديث عام مسلمانن جي دليل آهي تہ مؤمن ربِ پاڪ کي محشر ۾ بہ اکين سان ڏسندا ۽ جنت ۾ بہ ڏسندا. خيال رهي تہ جنت جون سيئي نعمتون نيڪ عملن جو بدلو هونديون چاهي پنهنجي عملن جي بدلي، چاهي انهن جي عملن جي بدلي جنهن جي طفيل جنت ۾ ويو پر ديدارِ اِلٰهي ڪنهن عمل جو بدلو نہ هوندو، خالص عطاءِ ذوالجلال (يعني الله پاڪ جي خاص عنايت) هوندي، انهن ٻنهي نمازن جي پابندي ان ديدار جي لياقت ۽ قابليت پيدا ڪندي يعني فجر ۽ عصر جي پابندي. دنيا ۾ نماز اهڙي طرح پڙهو جڻ (يعني جيئن) توهان خدا کي ڏسي رهيا آهيو ڇوجو هتي پردو آهي اتي پردو نہ هوندو جڻ پردو هٽي ويندو، ان کي ڏسي ان

ڪان ڪلام ڪندؤ. (حديثِ پاڪ ۾ موجود آيتِ ڪريمہ جي حوالي سان فرمائن ٿا:) هن فرمانِ عالي مان خبر پئي تہ هن آيت ۾ تسبيح ۽ تحميد (يعني الله پاڪ جي پاڪائي ۽ تعريف بيان ڪرڻ) مان مراد نماز آهي، چوتہ فجر ۽ عصر جي نماز ۾ رات ۽ ڏينهن جا محافظ ملائڪ جمع ٿي ويندا آهن، پڻ فجر جي نماز سمهڻ جي غفلت جو وقت آهي ۽ نمازِ عصر ڪاروبار، گهمڻ ۽ ڦرڻ جو وقت هوندو آهي، انهن سببن جي ڪري انهن نمازن جي تاڪيد وڌيڪ آهي، رب پاڪ فرمائي ٿو:[1]

| | |
|---|---|
| اِنَّ قُرْاٰنَ الْفَجْرِ كَانَ مَشْهُوْدًا۝۷۸ (سيپارو15، بني اسرائيل:78) | ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ صبح جي قرآن (يعني نماز) ۾ ملائڪ حاضر هوندا آهن. |

نمازِ عصر جي متعلق فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| حٰفِظُوْا عَلَى الصَّلَوٰتِ وَ الصَّلٰوةِ الْوُسْطٰى (سيپارو2، سورة بقره:238) | ترجمو ڪنزالايمان: مڙني نمازن جي ۽ وچينءَ نماز جي نگهباني ڪريو. |

تیرہ دل کو جلوہ عرب درکار ہے
چودھویں کے چاند تیری چاندنی نہیں[2]

**الفاظ ۽ معنٰي:** تِيره دل: انڌيري ۾ ٻڏل دل. ماهِ عرب: عرب جو چنڊ، مراد پيارو آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] مرآۃالمناجيح جلد7ص 517 ڪان 518
[2] ذوق نعت

# پروردگار جو 100 ڀيرا ديدار

حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ارشاد فرمائن ٿا: دنيا جي زندگي ۾ (حالتِ بيداري ۾) الله پاڪ جو ديدار نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ خاص آهي ۽ آخرت ۾ هر سنّي مسلمان جي لاءِ ممڪن آهي بلڪ ضرور ٿيندو. رهيو قلبي (يعني دلي) ديدار يا خواب ۾، اهو ٻين نبين عَلَيۡهِمُ السَّلَام بلڪ ولين سڀڳورن جي لاءِ بہ حاصل آهي. اسان جي امامِ اعظم (ابو حنيفہ رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ) کي خواب ۾ سؤ ڀيرا رب پاڪ جي زيارت ٿي. (وڌيڪ فرمائن ٿا:) ان (يعني الله پاڪ) جو ديدار بنا ڪنهن رڪاوٽ جي ٿيندو پر اهو نٿا چئي سگهون تہ ڪيئن ٿيندو! جنهن شيءِ کي ڏسندا آهيون ان کان ڪجھ فاصلو مسافت جو هوندو آهي، نزديڪ يا دور، اها ڏسڻ واري جي ڪنهن سِمّت ۾ هوندي آهي، هيٺ يا مٿي، ساڄي يا کابي، اڳيان يا پويان، اُن (يعني ربِ ڪريم) جو ڏسڻ انهن سڀني ڳالهين کان پاڪ هوندو. باقي رهيو هي تہ ڇاجي ڪري ٿيندو؟ اهو ئي تہ چيو ويندو آهي تہ "ڇا جي ڪري" جو هتي دخل ناهي، اِنۡ شَآءَالله جڏهن ڏسنداسين اُن وقت ٻڌائينداسين. اهڙي (طرح) جي سڀني ڳالهين جو خلاصو هي آهي تہ جيستائين عقل پهچي ٿو، اهو خدا ناهي ۽ جيڪو خدا آهي، ان تائين عقل نٿو پهچي سگهي، ۽ ديدار جي وقت اسان جي نگاهہ ان جو گهيرو ڪري، اهو ناممڪن آهي.[1] بهارِ شريعت جلد اول صفحي 160 تي آهي: جنتي جڏهن جنت ۾ ويندا، هرهڪ پنهنجي عملن جي مقدار جو مرتبو ماڻيندو ۽ ان جي

[1] بهارِ شريعت جلد1ص20 کان22

فضل جي حد ناهي. پوءِ انهن کي دنيا جي هڪ هفتي جي مقدار کانپوءِ اجازت ڏني ويندي تہ پنهنجي پروردگار جي زيارت ڪريو ۽ عرشِ اِلٰهي ظاهر ٿيندو ۽ رب پاڪ جنت جي باغن مان هڪ باغ ۾ تجلي فرمائيندو ۽ انهن جنتن جي لاءِ مِنبر وڇايا ويندا، نور جا مِنبر، موتين جا مِنبر، ياقوت جا مِنبر، زبرجد جا مِنبر، سون جا مِنبر، چاندي جا مِنبر ۽ انهن (جنتين) ۾ ادنٰي درجي وارو مشڪ ۽ ڪافور جي دڙي تي ويهندو ۽ ان ڪان علاوه ادنٰي ڪوئي ناهي، پنهنجي خيال ۾ ڪرسين ۽ تختن تي وينلن کي پاڻ ڪان وڌيڪ نہ سمجهندا، ۽ خدا جو ديدار اهڙو صاف ٿيندو جيئن آفتاب (يعني سج) ۽ چوڏهين رات جي چنڊ کي هر هڪ پنهنجي پنهنجي جڳهہ تي ڏسندو آهي، جو هڪ جو ڏسڻ ٻئي جي لاءِ رڪاوٽ ناهي ٿيندو ۽ الله ڪريم هر هڪ تي تجلي فرمائيندو، انهن مان ڪنهن کي فرمائيندو: اي فلاڻا بن فلاڻا! توکي خبر آهي، جنهن ڏينهن تو هيئن هيئن ڪيو هو....؟ دنيا جون ڪجهہ نافرمانيون ياد ڏياريندو، ٻانهو عرض ڪندو: اي منهنجا رب! ڇا تو مونکي بخشي نہ ڇڏيو؟ فرمائيندو: ها! مغفرت جي وسعت (يعني ڪشادگي) ئي جي ڪري تون هن مرتبي تي پهتين.[1]

جے میں ویکھاں عملاں ولے، کجھ نئیں میرے پلے
جے میں ویکھاں رحمت رب دی، بلے بلے بلے

(يعني جڏهن مان پنهنجي عملن ڏانهن ڏسان ٿو تہ ڪجهہ بہ نہ آهي ۽ جڏهن پنهنجي رب جي رحمت ڏانهن ڏسندو آهيان تہ خوشيءَ مان جهومي اٿندو آهيان)

---

[1] بهارِ شريعت جلد1ص160

# نمازِ عصر جو ٻيڻو اجر

حضرت ابوبصره غِفاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان روايت آهي تہ نور واري آقا صَلَّى اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هي نماز يعني نمازِ عصر توهان کان پهرين ماڻهن تي پيش ڪئي وئي تہ انهن هن کي ضايع ڪري ڇڏيو لهٰذا جيڪو ان کي پابندي سان ادا ڪندو ان کي ٻيڻو اجر ملندو.[1]

حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه هن حديث جي حوالي سان لکن ٿا: يعني اڳين امتن تي بہ عصر جي نماز فرض هئي پر انهن هن کي ڇڏي ڏنو ۽ عذاب جا حقدار ٿيا، توهان ان مان عبرت پڪڙيو.[2]

# ٻيڻي اجر جي سبب جا مدني گل

❖ پهريون اجر اڳوڻين امتن جي ماڻهن جي مخالفت ڪندي عصر جي نماز جي پابندي جي ڪري ملندو ٻيو اجر عصر جي نماز پڙهڻ تي ملندو جهڙي طرح ٻين نمازن جو ملندو آهي. ❖ پهريون اجر عبادت تي پابندي جي ڪري ملندو ۽ ٻيو اجر قناعت ڪندي خريد ۽ فروخت ڇڏڻ تي ملندو. ڇوجو عصر جي وقت ماڻهو بازارن ۾ ڪم ڪار ۾ رُذَلَ هوندا آهن. ❖ پهريون اجر عصر جي فضيلت جي ڪري ملندو ڇوجو اها صلاةِ وُسطٰي (يعني وچين نماز) آهي ٻيو اجر ان جي پابندي جي سبب ملندو.[3]

---

[1] مسلم شريف ص322،حديث:1927
[2] مرأة المناجيح جلد2ص122
[3] شرح الطيبي جلد3 ص19، مرقاة المفاتيح جلد3 ص139

## عمل برباد ٿي ويو

تابعي بزرگ حضرت اَبُوالْمَلِيح رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (اَ۔بُلْ۔مَ۔لِيْح) بيان ڪن ٿا: هڪ اهڙي ڏينهن جو جنهن ڏينهن ڪڪر ڇانئيل هئا، اسان صحابيءِ رسول حضرت سيدنا بُرَيدَه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سان گڏ جهاد ۾ هئاسين، پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمايو: نمازِ عصر ۾ جلدي ڪريو ڇوته رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو آهي تہ ”جنهن نمازِ عصر ڇڏي ڏني ان جو عمل برباد ٿي ويو.“[1]

## نمازِ عصر ڇڏڻ جي عادي تي ڪفر جو خوف آهي

حضرت مفتي احمد يارخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان لکن ٿا: غالبًا ”عمل“ مان مراد اهو دنياوي ڪم آهي جنهن جي ڪري ان نماز ڇڏي (ءِ) ”ضَبْطِي“ مان مراد ان ڪم جي برڪت جو ختم ٿيڻ آهي. يا هي مطلب آهي تہ جيڪو عصر ڇڏڻ جو عادي ٿي وڃي ان جي لاءِ خطرو آهي تہ اهو ڪافر ٿي مري جنهن سان عمل برباد ٿي وڃن، (البت) ان جو مطلب اِهو ناهي تہ عصر ڇڏڻ ڪفر ۽ اِرْتِداد آهي. خيال رهي تہ نمازِ عصر کي قرآن ڪريم ”وچين نماز“ فرمائي ان جي تمام گهڻي تاڪيد فرمائي پڻ ان وقت رات ۽ ڏينهن جي ملائڪن جو مجموعو هوندو آهي ۽ اهو وقت ماڻهن جي گهمڻ ڦرڻ ۽ واپار جي رونق جو هوندو آهي، انڪري اڪثر ماڻهو عصر ۾ سستي ڪندا آهن، انهن سببن جي ڪري قرآن شريف ۾ نمازِ عصر بابت تمام گهڻو تاڪيد فرمايو ويو ۽

---

[1] بخاري جلد1ص203،حديث:553

حديث شريف ۾ بہ.[1]

## 40 منٽ اڳ تياري (حڪايت)

عارِف بِاللّٰه ابوالعبّاس حَرِثي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نمازِ عصر جي تياري ان وقت کان شروع ڪندا ها جڏهن ظهر جو وقت ختم ٿيڻ ۾ چاليهہ منٽ باقي هوندا ها، سندن جي تياري جو طريقو هي هوندو هو تہ نگاهون جهڪائي مراقبي ۾ مشغول ٿي ويندا ها ۽ وسوسن کان توبہ ڪندا رهندا ها ۽ ائين انڪري ڪندا هئا تہ جيئن سندن تي عصر جو وقت اهڙي حالت ۾ اچي جو بارگاهِ الٰهي ۾ حاضري کان سندن جي اڳيان ڪا رڪاوٽ نہ ٿئي.[2]

## هڪ بيان ڪيئي نمازي بڻائي ڇڏيا

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** نمازن جي اهميت پنهنجي دل ۾ اجاگر ڪرڻ، هر نماز اهتمام سان پنهنجي وقت جي اندر باجماعت پڙهڻ ۽ ٻين کي نمازن جي لاءِ تيار ڪرڻ جي سوچ بنائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ رهو. اچو! نمازي بڻجڻ بنائڻ بابت هڪ ”مدني بهار“ ٻڌون ٿا: وزيرآباد (پنجاب) جا اسلامي ڀاءُ ان وقت اسڪول جا شاگرد هئا. ڪنهن مبلغ دعوتِ اسلامي مڪتبة المدينہ تان جاري ٿيڻ واري بيان جي ڪيسٽ ”بي نمازيءَ جون سزائون“ پيش ڪئي. ان جي چوڻ مطابق گهر ۾ والد کان سواءِ ڪوبہ نماز نہ پڙهندو هو.

[1] مرأة المناجيح جلد1 ص381 کان382
[2] لواقح الانوار القدسيہ ص432

بهرحال انهن اها ڪيست گهر ۾ هلائي، والد صاحب بہ اهو بيان ٻڌو ۽ گهر وارن کي بار بار ان بيان کي ٻڌڻ جي ترغيب ڏني. ان بيان جي برڪت سان ان اسلامي ڀاءُ جا گهر وارا نمازي بڻجي ويا، غوثِ پاڪ جا مريد بہ بڻيا. پوءِ هڪ وقت اهڙو آيو جو الله جي ڪرم سان انهن جي گهر ۾ اسلامي ڀينرن جو هفتيوار سنتن ڀريو اجتماع بہ ٿيڻ لڳو. سندن جو ڀاءُ دعوتِ اسلامي جو نعت خوان بہ بڻيو ۽ جامعة المدينہ ۾ درس نظامي جو طالبِ علم بہ جڏهن تہ انهن جا بہ سؤٽ دعوتِ اسلامي جي مدرسة المدينہ ۾ حفظِ قرآن جي سعادت ماڻڻ لڳا.

يقيناً مقدر کا وہ سکندر ہے
جسے خیر سے مل گیا مدنی ماحول[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## اهل و عيال ۽ مال برباد ٿي ويا

صحابي ابن صحابي عبدالله بن عُمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ الله پاڪ جي پياري رسول صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جنهن جي نمازِ عصر نڪري وئي (يعني جيڪو ڇاٽي واٽي نمازِ عصر ڇڏي) ڄڻ ان جا ٻار ٻچا ۽ مال ”وتر“ ٿيا يعني ڪسيا ويا.[2]

[1] وسائل بخشش (مرمم) ص۔ ٦٤٧
[2] بخاري شريف جلد1 ص202 حديث:552

## وَتْر جو مطلب

حضرت علامہ ابو سليمان خطابي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: وَتْر جي معنٰي آهي: ”نقصان ٿيڻ يا کسجي وڃڻ“ بهرحال جنهن جا ٻارٻچا ۽ مال کسيا ويا چڻ ان جو نقصان ٿيو يا اهو اڪيلو رهجي ويو. لهٰذا نماز جي فوت ٿيڻ سان انسان کي اهڙي طرح ڊڄڻ گهرجي جهڙي طرح اهو پنهنجي گهر جي افراد ۽ مال ۽ دولت جي برباد ٿيڻ کان ڊڄندو آهي.[1]

## مڙدي کي قبر ۾ سج لهندي معلوم ٿيندو آهي

حضرت جابر بن عبدالله رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ معظم آهي: جڏهن مرڻ وارو قبر ۾ داخل ٿيندو آهي تہ ان کي سج لهندڙ معلوم ٿيندو آهي پوءِ اهو اکيون مهٽيندو اٿي ويهندو آهي ۽ چوندو آهي: ”مونکي ڇڏيو مان نماز پڙهي وٺان“ (ابن ماجه جلد4 ص504،حديث:4272)

## اي ملائڪو سوال بعد ۾ ڪجو

حڪيم الامت حضرتِ مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حديث پاڪ جي هن حصي (سج لهندڙ معلوم ٿيندو آهي) جي حوالي سان لکن ٿا: اهو احساس ”منڪر نڪير“ جي جاڳائڻ مهل ٿيندو آهي، چاهي دفن ڪنهن بہ وقت ٿئي. چو تہ نمازِ عصر جو تمام گهڻو تاڪيد آهي ۽ سج جو لهڻ ان جو وقت ختم ٿيڻ جي دليل

[1] اڪمال المعلم بفوائد مسلم جلد2ص590

آهي، انکري اهو وقت ڏيکاريو ويندو آهي. حديث جي هن حصي (مونکي ڇڏيو تہ مان نماز پڙهي وٺان) جي حوالي سان لکن ٿا: يعني ”اي ملائکو! سوال بعد ۾ ڪجو عصر جو وقت ختم ٿي رهيو آهي مونکي نماز پڙهڻ ڏيو“. هي اهو ئي چوندو جيڪو دنيا ۾ نمازِ عصر جو پابند هو، الله پاڪ نصيب ڪري، انکري رب ڪريم فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| حٰفِظُوۡا عَلَى الصَّلَوٰتِ وَ الصَّلٰوةِ الۡوُسۡطٰى ۚ (سيپارو2، سورة بقره:238) | ترجمو ڪنزالايمان: مڙني نمازن جي ۽ وچينءَ نماز جي نگهباني ڪريو. |

يعني”تمام نمازن جي خاص طور عصر جي تمام گهڻي حفاظت ڪريو.“ صوفي سڳورا رَحِمَهُمُ الله فرمائن ٿا: ”جيئن جيئندؤ ائين مرندؤ ۽ جيئن مرندؤ ائين ئي اٿندؤ.“ خيال رهي تہ مؤمن کي ان وقت ائين معلوم ٿيندو جيئن مان سمهي اٿيو آهيان، سڪرات وغيره سڀ وسري ويندي. اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ هن عرض (مونکي ڇڏيو! مان نماز پڙهي وٺان) تي سوال جواب ئي نہ ٿين ۽ جيڪڏهن ٿين بہ تہ نهايت آسان ڇوجو ان جي اها گفتگو سيني سوالن جو جواب ٿي چڪي آهي.[1]

کیا پوچھتے ہو مجھ سے، نکیرین! لحد میں
لو دیکھ لو! دل چیر کے، ارمانِ محمد

[1] مرأة المناجيح جلد1ص142

## رزق تقسيم ٿيڻ جا وقت

حضرت امام شَعْراني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چون ٿا: مون سيدي علي خواص رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي اهو فرمائيندي ٻڌو تہ مادي (يعني محسوس ٿيڻ وارو) رزق جيڪو اسان جي غذا هوندو آهي طلوعِ فجر کان (يعني جڏهن فجر جي نماز جو وقت شروع ٿيندو آهي کان وٺي) سج هڪ نيزو نڪري بلند ٿيڻ تائين (يعني طلوعِ آفتاب جي 20 منٽن کانپوءِ تائين) الله پاڪ تقسيم ڪندو آهي ۽ روح جي غذا يعني معنوي رزق جيڪو ڏسڻ ۾ ناهي ايندو (يعني دل ۽ دماغ جو سڪون جنهن تي منحصر هوندو آهي) عصر جي نماز کانپوءِ کان وٺي ڪري غروبِ آفتاب تائين تقسيم فرمائيندو آهي.[1] روايت جو مقصد هي آهي تہ انهن وقتن کي غفلت ۾ نہ گذاريو بلڪ ذڪر ۽ عبادت ۾ گذاريو.

## منافقت جي هڪ علامت

خادمِ نبي حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بيان ڪن ٿا: مون سرورِ ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو تہ اها منافق جي نماز آهي تہ وينو سج جو انتظار ڪندو رهي ايستائين جو سج شيطان جي ٻن سڱن جي وچ ۾ اچي پهچي (يعني غروبِ ٿيڻ جي ويجهو ٿي وڃي) تہ بيهي چار چهنبون هڻي جو ان ۾ الله جو ٿورو ئي ذڪر ڪري.[2]

---

[1] لواقح الانوار القدسيه ص67
[2] مسلم شريف ص246

## هن حديث مان ٿي مسئلا معلوم ٿيا

مفسرِ قرآن حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: هن حديث مان ٽي مسئلا معلوم ٿيا هڪ اهو تہ دنياوي ڪاروبار ۾ ڦاسي نمازِ عصر دير سان (يعني مڪروهہ وقت ۾) پڙهڻ منافقن جي علامت (يعني نشاني) آهي. ٻيون اهو تہ غروب کان 20 منٽ پهريان ڪراهت جو (يعني مڪروهِ تحريمي) وقت آهي، مستحب وقت ۾ عصر پڙهڻ گهرجي. ٽيون اهو تہ رڪوع ۽ سجود نهايت اطمينان سان ڪرڻ گهرجن. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جلد باز (نمازيءَ جي) سجدي کي ڪڪڙ جي چهنب هڻڻ سان تشبيهہ ڏني جيڪو اهو داڻو چڳندي وقت زمين تي جلدي جلدي مان هڻندو آهي.[1]

## عصر کان پوءِ نہ سمهو

رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”جيڪو شخص عصر کان پوءِ سمهي ۽ ان جو عقل ويندو رهي تہ اهو پاڻ کي ئي ملامت ڪري.“[2]

نمازوں کے اندر خشوع اے خدا دے
پئے غوث اچھا، نمازی بنا دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1 مرآة المناجيح جلد1ص381
2 مسند ابويعلي جلد 4 ص 278، حديث: 4897) (بهارِشريعت جلد 3 ص 435

## سنت جي ٽن اکرن جي نسبت سان

## سنتِ عصر جي باري ۾ ٽي فرمانِ مصطفٰي ﷺ

(1) اللّٰه پاڪ ان شخص تي رحم ڪري، جنهن عصر کان پهريان چار رڪعتون پڙهيون.[1]

(2) جيڪو عصر کان پهريان چار رڪعتون پڙهي، اللّٰه پاڪ ان جي بدن تي باه حرام ڪري ڇڏيندو.[2]

(3) جيڪو عصر کان پهريان چار رڪعتون پڙهي، ان کي باه نہ ڇُهندي.[3]

## عصر جي سنتن جي باري ۾ مدني گل

عصر جي فرضن کان پهريان چار رڪعتون پڙهڻ سنتِ غيرمؤڪده آهي. هن ۾ (۽ عشاء جي فرضن کان پهريان جي چار سنتن ۾) پهرين ۽ ٽئين رڪعت جي شروع ۾ ثناء، تعُوذُ ۽ بسم الله پڙهو. ٻئي ۽ چوٿين رڪعت کان پوءِ "قعدو" فرض آهي. ٻنهي قعدن ۾ التّحِيّات کانپوءِ درودِ ابراهيم ۽ دعا بہ پڙهو. چار غير مؤڪده سنتون شروع ڪرڻ کانپوءِ جماعت بيهڻ جي صورت ۾ بہ رڪعتن تي سلام ڦيري جماعت ۾ شامل ٿي وڃو. پر ظهر ۽ جمعي جون سنتِ قبليہ يعني فرضن کان پهريان

---

[1] ابوداؤد جلد2ص35،حديث:1271

[2] معجم ڪبير جلد 23، ص 281، حديث:211

[3] معجم اوسط جلد 2 ص77، حديث :2580)(بهارِ شريعت، جلد 1 ص 661

پڑهيون ويندڙ چار سنتن ۾ چار رڪعتون پوريون ڪري وٺو.
هن مسئلي بابت تفصيلي معلومات ”فتاوٰي رضويہ“ جلد 8
صفحہ 129 کان 136 تي ڏسو.

## مغرب جي نماز جون فضيلتون

**مقبول حج ۽ عمري جو ثواب:** خادمِ نبي، حضرت سيدنا انس رَضِیَ اللہُ عَنْہُ
کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان
آهي: ”جنهن مغرب جي نماز جماعت سان ادا ڪئي ان جي لاءِ
مقبول حج ۽ عمري جو ثواب لکيو ويندو ۽ اهو ائين آهي جڻ
ان شب قدر ۾ قيام ڪيو.“[1]

## مغرب جي فرض کان پوءِ 6 رڪعتون

بہ فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

(1) جيڪو مغرب کانپوءِ ڇهہ رڪعتون پڑهي ۽ ان جي وچ ۾ ڪا بري گفتگو نہ ڪري، تہ ٻارنهن ورهين جي عبادت جي (ثواب جي) برابر ڪيون وينديون.[2]

(2) جيڪو مغرب کانپوءِ ڇهہ رڪعتون پڑهي، ان جا گناهہ بخشيا ويندا جيتوڻيڪ سمنڊ جي جهڳ برابر هجن.[3]

---

[1] جمع الجوامع جلد7 ص195،حديث:22311
[2] ترمذي شريف جلد1ص439،حديث:435
[3] معجم اوسط جلد5ص255،حديث:7245

## اوّابين جي نماز جو طريقو

مغرب جون ٽي رڪعتون فرض پڙهڻ کانپوءِ ڇهه رڪعتون هڪ ئي سلام سان پڙهو، هر ٻن رڪعتن تي قعدو ڪريو ۽ ان ۾ التّحيّات، درودِ ابراهيم ۽ دعا پڙهو، پهرين، ٽئين ۽ پنجين رڪعت جي ابتداء ۾ ثناء، تعوذ ۽ تسميه (يعني ثناء، اعوذ ۽ بسم الله) به پڙهو. ڇهين رڪعت جي قعدي کانپوءِ سلام ڦيري ڇڏيو. پهريون ٻه رڪعتون سنتِ مؤڪده ٿيون ۽ باقي چار نفل. هي آهي آوابين (يعني توبه ڪرڻ وارن) جي نماز.[1] چاهيو ته ٻه ٻه رڪعتون ڪري به پڙهي سگهو ٿا. بهارِ شريعت جلد اول صفحي 666 تي آهي: بعدِ مغرب ڇهه رڪعتون مستحب آهن انهن کي صلوٰةُ الْاَوّابين چوندا آهن، چاهيو ته هڪ سلام سان به سيئي پڙهو يا ٻن سلامن سان يا ٽن سلامن سان ۽ ٽئين سلام سان يعني هر ٻن رڪعتن تي سلام ڦيرڻ افضل آهي.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مغرب ۽ عشاء جي درميان عبادت جو ثواب

حضرت عمر بن ابو خَليفه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا: اسان حضرت عطا خُراساني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان گڏ نماز پڙهي، نماز کانپوءِ جڏهن اسان واپس ٿيڻ لڳاسين ته پاڻ منهنجو هٿ پڪڙي فرمايو: ”مغرب ۽

[1] الوظيفة الكريمه ص26 ملخصاً
[2] درمختار و ردالمحتار جلد2ص547

عشاء جي هن درمياني وقت کان ماڻهو غافل آهن، هي **نمازِ اَوّابين** (يعني توبہ ڪرڻ وارن جي نماز) جو وقت آهي. جنهن ان دوران نماز جي حالت ۾ قرآن ڪريم جي تلاوت ڪئي جڻ اهو جنت جي باغ ۾ آهي."[1]

## منافقن تي فجرءِ عشاء جي نماز ڏُکئي آهي

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان روايت آهي: تاجدار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي تہ: "سيني نمازن ۾ ڏکئي منافقن تي نمازِ عشاء ۽ فجر آهي، ۽ جيڪا انهن ۾ فضيلت آهي جيڪڏهن ڄاڻن ها تہ ضرور حاضر ٿين ها جيتوڻيڪ سرين (يعني ويهڻ ۾ بدن جو جيڪو حصو زمين تي لڳندو آهي ان) تي گهلجي يعني جيئن بہ ممڪن هجي ها تہ اچن ها.[2]

## حديث جي شرح

حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: چو تہ منافق صرف ڏيکاءُ جي لاءِ نماز پڙهن ٿا. ٻين وقتن ۾ تہ خير جيئن تيئن پڙهي وٺن ٿا پر عشاء جي وقت ننڊ جو غلبو، فجر جي وقت ننڊ جي لذت انهن کي مست ڪري ڇڏيندي آهي. اخلاص ۽ عشق تمام مشڪلن کي حل ڪن ٿا اهو انهن ۾ ناهي، تنهنڪري هي ٻئي نمازون انهن تي ڳريون آهن. هن مان

[1] اللّٰہ والوں کی باتیں، ج۔ ۵، ص۔ ۲۵۹
[2] ابن ماجه جلد1ص437،حديث:797

معلوم ٿيو تہ جيڪو مسلمان انهن ٻنهي نمازن ۾ سستي ڪري اهو منافقن جهڙو ڪم ڪري ٿو.[1]

## منافق عشاء ۽ فجر ۾ اچڻ جي طاقت نٿا رکن

تابعي بزرگ حضرت سعيد بن مُسَيّب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان روايت آهي تہ سرڪارِ دوجهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: ”اسان جي ۽ منافقن جي درميان علامت (يعني سڃاڻپ) عشاء ۽ فجر جي نماز ۾ حاضر ٿيڻ آهي ڇوجو منافق انهن نمازن ۾ اچڻ جي طاقت نٿا رکن.“[2]

## حديث ۾ ڪهڙا منافق مراد آهن؟

حضرت علامہ عبدُالرّؤف مُناوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: هن حديث ۾ بيان ڪيل منافق مان مراد (دورِ رسالت جا بدترين ڪافر ناهن جيڪي پاڻ کي ڪوڙ طور مسلمان ظاهر ڪندا هئا پر دل کان ڪافر هئا بلڪ هتي مراد) ”منافقِ عملي“ آهي. (جيڪو حقيقت ۾ مسلمان آهي) حديث جي هن حصي **”منافق انهن نمازن ۾ اچڻ جي طاقت نٿا رکن“** مان مراد آهي: اسان انهن نمازن کي چستي ۽ خوشي سان ادا ڪندا آهيون، اسان کي انهن ٻنهي نمازن کي باجماعت ادا ڪرڻ جي لاءِ مسجد اچڻ ۾ ڪا مشقت ناهي ٿيندي جڏهن تہ منافقن تي هي ٻئي نمازون ڳريون آهن انڪري اهي انهن کي خوشي ۽ چستي سان ادا ڪرڻ جي طاقت نٿا رکن. (اڳتي هلي فرمائن ٿا:) واضح رهي تہ منافق (عملي) عبادت قائم ڪرڻ جي لاءِ نہ بلڪ عادت جي ڪري

[1] مرأة المناجيح جلد1ص396

[2] مؤطا امام مالڪ جلد1ص133،حديث:298

نماز پڙهندو آهي ۽ چوٿون ان جو نفس نماز پڙهڻ کي ناپسند ڪندو آهي انڪري اهو سيني سان گڏ نه بلڪ پنهنجي گهر ۾ اڪيلو نماز پڙهندو آهي. (اڳتي هلي وڌيڪ لکن ٿا:) ڪجهه عارفن (يعني الله پاڪ کي سڃاڻڻ وارن) جو چوڻ آهي: نمازِ فجر باجماعت پابندي ڪري پڙهڻ سان دنيا جا مشڪل ڪم آسان ٿي ويندا آهن، نمازِ عصر ۽ عشاء ۾ باجماعت جي پابندي سان زهد پيدا ٿيندو(يعني دنيا کان بي رغبتي نصيب ٿيندي) آهي."خواهشن" جي پيروي ۽ سان نفس باز رهندو آهي.[1]

## نماز عشاء کان پهريان سمهڻ

حضور اڪرمصَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: جيڪو نمازِ عشاء کان پهريان سمهي الله پاڪ ان جي اک کي نه سمهاري.[2]

اميرالمؤمنين حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ پنهنجي حاڪمن ڏانهن هڪ فرمان لکيو جنهن ۾ اهو به هو ته جيڪو عشاء کان پهريان سمهي رهي خدا ڪري ان جون اکيون نه سمهن، جيڪو سمهي رهي ان جون اکيون نه سمهن، جيڪو سمهي رهي ان جون اکيون نه سمهن.[3]

فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جي فرمان جي متعلق مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه لکن ٿا: جنابِ فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جي اها دعا ناراضگي ظاهر ڪرڻ جي لاءِ هئي. خيال رهي ته نمازِ عشاء کان پهريان سمهڻ ۽ عشاء کانپوءِ بنا ضرورت جاڳندو رهڻ (هي ٻئي ڪم) سنت جي خلاف ۽ نبي ڪريم

---

[1] فيض القدير جلد1ص84،85
[2] جمع الجوامع جلد7 ص289،حديث:23192
[3] مؤطا امام مالڪ جلد1 ص35،حديث:6

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ناپسند آهن پر نماز کان پهريان سمهي نماز ئي نه پڙهڻ ۽ ائين ئي عشاء کانپوءِ جاڳي فجر قضا ڪري ڇڏڻ حرام آهي ڇوته حرام جو ذريعو به حرام هوندو آهي.[1]

## عشاء کان پهريان سمهڻ مڪروه آهي

”بهارِ شريعت“ ۾ آهي: ڏينهن جي ابتدائي حصي ۾ سمهڻ يا مغرب ۽ عشاء جي درميان ۾ سمهڻ مڪروه آهي.[2]

## عشاء کانپوءِ گفتگو ڪرڻ جون ٽي صورتون آهن

(1) علمي گفتگو، ڪنهن کان مسئلو پڇڻ يا ان جو جواب ڏيڻ يا ان جي تحقيق ۽ تفتيش ڪرڻ اهڙي قسم جي گفتگو سمهڻ کان افضل آهي. (2) ڪوڙا قصا، ڪهاڻيون، چرچا هڻڻ ۽ کل ڀوڳ واريون ڳالهيون ڪرڻ اهو مڪروه آهي. (3) پيار محبت جون ڳالهيون ڪرڻ جيئن زال مڙس ۾ يا مهمان سان ان جي رغبت جي لاءِ ڪلام ڪرڻ اهو جائز آهي ان قسم جون ڳالهيون ڪري ته آخر ۾ ذڪرِ اِلٰهي ۾ مشغول ٿي وڃي ۽ تسبيح ۽ استغفار تي ڪلام ختم ٿيڻ گهرجي.[3]

## نمازن جي نالن جا سبب

**فجر:** فجر جي معنيٰ: ”صبح“ آهي[4] ڇوته فجر جي نماز صبح جي وقت ۾ پڙهي ويندي آهي، انڪري هن نماز کي فجر جي نماز چيو ويندو آهي.

---

[1] مرأة المناجيح جلد1 ص377
[2] بهارِ شريعت جلد3ص436
[3] بهارِ شريعت جلد3 ص436
[4](ترجمو ڪنزالايمان،سيپارو15، بني اسرائيل:78)

**ظهر:** ظهر جي هڪ معنيٰ: ”ظهيرة“ (يعني: منجهند) آهي، چو ته هي نماز منجهند جي وقت پڙهي ويندي آهي، انڪري ان کي ظهر جي نماز چيو ويندو آهي.

**عصر:** عصر جي معنيٰ: ”ڏينهن جو آخري حصو“ چوته هي نماز انهيءَ وقت ۾ ادا ڪئي ويندي آهي انڪري هن کي عصر جي نماز چيو ويندو آهي.

**مغرب:** مغرب جي معنٰي سج لهڻ جو وقت آهي، چوته مغرب جي نماز سج لٿي کانپوءِ ادا ڪئي ويندي آهي انڪري هن کي مغرب جي نماز چيو وڃي ٿو.

**عشاء:** عشاء جي لغوي معنيٰ: رات جي ابتدائي ڪاراڻ،[1] چوته هي نماز انڌيرو ٿيڻ کانپوءِ پڙهي ويندي آهي انڪري هن نماز کي عشاء جي نماز چيو ويندو آهي.[2]

تو پانچوں نمازوں کا پابند کر دے
پئے مصطفٰے ہم کو جنت میں گھر دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

[1] نزهة القاري،جلد2،ص245
[2] شرح مشکل الآثار للطحاوي جلد3 ص35، 31 ملخّصا

ايندڙ هفتي جو رسالو





عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net